# موانڱي گـڏي

گڏيءَ جهڙي ديوڪا کي گهوٽ گهٽوٽي گهرندو هو، پر سس سهري سان سندس پٽڻ ڪانه هئي. هر ڪنهن کي چوندي ڦرندي هئي ته، منهنجو پائڻ لاهڻ ڏسي ته هيءَ ٻڍو ۽ ٻڍي اصل ٻچون ٿيا." وڃڻ جو ديوڪا کي چئن سالن اندر اڪڙا اڪڙا ٿي پار جهڙي ويا، ته سس کي به ڪسرن ڪيڻ جو وجهه ملي ويو. نتيجو اهو نڪتو جو گهر مان به گهر ٿي پيا.

ديوڪا هاڻي اڪيلي گهر ۾ فلڪ سان مڙس کي سڏي چوندي هئي، "اي مسٽر! هاڻي خرچ وڌائي ڏيڻو پوندو. ٻارن کي نه ڪپڙو آهي نه گندي. منهنجا به اهي حال وڃي ٿيا آهن، جو پاڻي - پريءَ ۾ پائڻ لاءِ ڪا نئين نه پهس ڪانه اٿم."

جمداداس سهڻيءَ ديوڪا وٽ ساڙهيون نه سدائين سنهيون ئي ڏٺيون هيون، پر پاڻ کي چوندو هو 'جئن مونکي سهڻي زال جو شوق آهي، تئن هنکي به سهڻن ڪپڙن پائڻ جو حرص آهي.' وڃڻ جو ديوڪا جي هر نئين ساڙهيءَ جو اگهه ۽ خريديءَ جو دڪان سندس

ساهيڙيون پيئون پڇنديون هيون، ته چمنداس کي به ڏاڍو فخر محسوس ٿيندو هو.

ديوڪا جي سس چٽ چماڙيءَ ٺهڻ وٽ ايندي هئي. انهن به چڱي منڍي چوڻ کان پاڻ روڪي نه سگهندي هئي. هڪ ڏينهن چلهه جو ڪوڙي ٺڪر کڻي چيائين، "هي آهن ڏيءَ ننهنجا حال! چٽنا سلڪ جو ملهه ڇا ۽ لو ابتيءَ جو فراڪ کڻي هنيو آهي چلهه ۾!"

ديوڪا ڀڃندي ڦراڪ جي اڌڙيل سرائيءَ وٽان ڏٺي هئڻ سان چڪي وڌيڪ اڌڙي چيو، "ممي! سرائون ئي سڙي ويئون آهن، اڄ ڀراٽو ڪيئن ٿيندو؟" سس چيو، "ڀر ڏيءُ! مٺهڪي ته هيءَ ڳالهه ياد رکج ته جڏهن ڦاٽي نه سجي، سا نهن ڏيءَ گهر ڪانه ڪندي."

ديوڪا مڇرجي ويئي. چيائين، "سڀ جدم ته وڃايان ڀني گهر پنيان. ماٺهو شهر ڪڇين، ولائتيون گهمن، مان ته رڳو گهر جي گهرڀڙي ٿيو ويٺي آهيان، ته به مون لي ٿي ٻيٺي ٻري چلين! پايان نه پايان اهي به ڪپڙا ٿي سنيڙا پايان، اهي به توهان کي اکين ۾ ٽا ٿين!"

سس به گهڻن ڏينهن کان ڀي ڀي چلي هئي، سو رڙ ڪري چيائين، "نهن جا ڪپڙا اکين ۾ ڪونه ٿيندا

آهن، پر ٽهر جڏهن اکيون ٻڪي هلنديون آهن، تڏهن
سڄيون ٿي اکين ۾ کڻبا ٿي چڀنديون آهن. منهنجون
نياڻيون نه اڃا مٿهن اگهاڙيون ٿي نه ٿيون آهن ۽
تون پيٽي اجايو اڏاءِ. ڇو، پاڻ جي ڪمائيءَ تي انهن
جو حق ڪر نهي؟"

"مونکي ڪا ساهري ملڪيت ڪانه ملي هئي
ڏار ٽيڻ مهل! ...... هر ڪنهنجو ڪٽي پاڻ." هيءُ
لفظ ديوڪا اهڙي نه لوڏ سان چيا، جو سسٽس اُٿي
ڪڙي ٿي ۽ پير ۾ چمپل وجهي در ڪان نڪرندي
چيائين، "پلي ڏيءَ پاڻ تي مرڪ، شل اُٺھ هجيٽي."

جمناداس کي جڏهن هن جهڳڙي جي خبر پيئي،
تڏهن سڌو پڳو ماءُ وٽ، ماءُ ۾ جيڪي جيڪي
ڳالهيون ديوڪا بابت ٻڌيون هيون، سي ڪولي ڪڍي
ٻڌ ڪيائين، ته ڪيئن جمناداس جي غير حاضريءَ
۾ جوئا جي، چونڪڙي گهر ۾ لڳندي آهي، ڪيئن ٻار
نوڪرن جي حوالي ڪيا ڪري ديوڪا هر نئين ٻڪڙ
جو، پهرئين شو ۾ نئين ساڙهيءَ سان سواگت ڪري
ايندي آهي. نوڪر ڪيتري ئي نيازيءَ سان
مالڪڻ سان پيش ايندو آهي؛ متان مالڪڻ هر ڪنهن
آئي وئي کي چوندي رهندي آهي، ته ــ اهو نوڪر
نه هجيم ته مان جيڪر ڪڏهن ٿي مران. گهر جو
رتو پڪو ٻار سنڀالڻ، سڀ ڪان وڃارو مونکي
ڇڏائي ويٺو آهي.

جمناداس تي سيٺ جي ڳالهين جو اثر ٿيندو ڏسي ماڻ هڪ ٻــول ٻيو به کولي وڌو. چيائين، "ٻڌو اٿم ڪيترا سمگلر روز ٻيا در تي ڌڪا کائيندس. ڪن جا پئسا رکيو ويٺي آهي ته ڪن ڪسي پاءِ پاءِ ڪري ڪپڙا پيٽي ڇڏائي؛ پر ڦريندا آهي، به خوب اٿس. ڪنهو کوٺ کو ڪپڙو سندس ڪلهن تي رکي وٺي هر ڪا ئيندس. پاڻ به چري ٿيو پوي، وڃي ساڙهيون ۽ ٻريسون خريد ڪندي. سڄي قرض ۾ ڳيٺي پيٺي آهي ......"

سالن کان پوءِ جمناداس اکيون کوليون. گهر اچي ٻهران مٽين منڊين جو حساب ورتائين. ڪٿ جي ٻجوڙيءَ ۾ ٻه چار ڪوڙا هار ۽ اٽ سونا چوڙا پچيل هئا. ٻهران ته ديوڪا ڪوڙو ٻهانو ڏنو ته فلاڻي ساهيڙي نموني لاءِ مٽيا وٺي ويئي آهي. پر خبر ٿان پيئي جو آنهيءَ چيو، "ديوڪا، هيرن جو هار ۽ منڊيون اسان وٽ گروي رکي، وڏي وياج تي پئسا وٺي ويئي آهي." وياج مٿان وياج چڙهي ويو هو. ڪل رقم مٽين جي ملهه کان به مٿي ٿي چڪي هئي.

جمناداس اتان موٽيو ته پٽي همٿ ڪرڻ لي ڪٽي هنيائين. ديوڪا کي ڳالهائڻ جي همت ئي نه پئي ٿي. جمناداس ڪاڏي جي ڳالهي ڌڪي ڇڏي، ته به ديوڪا اکر نه ڪڇي سگهي، سڄي رات جمناداس ٻنهي جي من ۾ پيچ - گهڙ ڪندو رهيو. ننڊ ڪانه پئس

موڪلائي ويئي هئي. ننڊ ته ديوڪا کي به ڪين هئي،
مگر ننڍي ڏيءَ کي ڇڳڙ ڏيندي ڪڏهن وقت اک
لڳي ٿي ويس. جمناداس ته بس، سوڙها تي نڪٽ ويٺو
سگريٽن جلائڻ جو اڪيلو پاڻ پورو ڪري رهيو هو.

صبح ٿيندي ئي جمناداس نوڪر کان پڇيو، "گهڻو
پگهار رهيل آهي تنهنجو؟"

نوڪر چيو، "ڇهن مهنن جو."

ديوڪا پاڻي پيئڻ جو بهانو ڪري ٻاهر پير رکيو
ته جمناداس رڙ ڪئي، "هن کي پگهار ڇو نه ڏنو
اٿيئي؟"

ديوڪا اهڙو ڇڪي جهڙي پيس.

"مان ٿو پڇان نوڪر کي پگهار ڇو نه ڏنو اٿيئي؟"

ديوڪا اندر جي وسام اندر ۾ دٻي چيو، "آخر
توهان کي ٿي ڇا ويو آهي؟ نوڪر کو پاڻي ڪونه ٿو
وڃي، پاڻهي ڏيئي ڇڏيس."

"پاڻي ڪونه ٿو وڃي، پر مان پڇائي ٿو ڪيانس-
سمجهيئه؟" چئي جمناداس نوڪر طرف گهُوريندي
چيو، "ٻاڪُو! تون هينئر ئي پنهنجو پيٽي بسترو گول
ڪر. راتجو اچي رهيل سڀجو ئي پگهار وٺي وڃج."

ديوڪا هيترو ڪجهه ٻڌڻ لاءِ هرگز ٿي ڪانه
هئي، گهر ۾ ٻي ساري ڪم جو سوچيندي ئي ڪيس پيٽ
۾ اچي وٽ پيا.

نوڪر کي سامان ناهي اچا به، ويندي ڏسي،

جمناداس ٻٽ ٽي اٿ هٽي چيو، ”آئي نڪل جاٺو.“

نوڪر چپ چاپ گهر ڇڏي هليو ويو.

ڪلاڪ ٻه گهر ۾ هڪدم چپ چاپ رهي. ٻارن ڪڏهن به ڳالهه نه ڪيئو ڪين ڪيو. ماٺ ميٺ ۾ اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. جمناداس خود به تيار ٿي ويٺو هو. چيائين، ”مان ٿو ڇڏي اچان ٻارن کي اسڪول ۾!“

ٻارن کي اسڪول ۾ ڇڏ جمناداس ڇڏي آيو، پر گهر اندر گهڙندي در بند ڪري اچي زال کي ڪڏن کان اکڙي رنسيو ڪيائين، ”تون مهڻ کان ٻارن جون فيون ڪونه ورتيون آهن اسڪول ۾! ڇو؟ ڇڻي، ڇڻي ۽ خر ٻصو رت ٻلا! زيور سڀ گروي، نوڪر جو پگهار بند، اسڪولن جون فيون ڪم، آخر ڇا لاءِ ڪيو آهيئي هي سڀ؟“

ديوڪا وٽ ڪوئي جواب ڪونه هو. جمناداس کي ڪجهه ياد اچي ويو. هڪدم ڪڏهي ڪٽي وڃي گادريج جو ڪٻٽ کوليائين. هينگرس ۾ ٽنگيل ساڙهيون ڏاڍي آڌا سان لڌي رهيون هيون. جمناداس ڪٻٽ جي ٽجوڙيءَ کي ٽٽولي چيو، ”هتان زيور ڪيڏانهن ويا؟“

هيءَ رڙ جا قيامت کٽي اچٽي هئي، انجو اندازو لڳائي ديوڪا آهستي چيو، ”مون ڪونه ڪڍيا آهن.“

”سچ ٻڌاءِ.“ جمناداس ديوڪا جو هٿ پڪڙي

هٿ ۾ ورتي، زور ڏئي وري چوڻ لڳو، "سڀ ڀڄاءِ."

ديوڪا هٿ جي نرم هڏڻ کي لوهه جي چنبي ۾ ٽڙڪندو محسوس ڪيو. سندس اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. سڏڪندي چيائين، "... ها ... ها ... پر هينئر نه ڀڄ. مولکي چاتيءَ ۾ سور ٿو ٿئي ..." چوندي ديوڪا هيٺ پٽ تي ويهي رهي.

جمنداس ٿڌو ساهه کڻي چيو، "اٿ وڃي پلنگ تي سمهه." در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. جمنداس دروازو پنهنجي ٻنيان ٻيڪڙي ٻاڪ ٻاهر نڪري آيو. ٻڙاجي ٻيٺو هو. ڏاڍي آرام سان چيائين، "مائي گهر ۾ ڪانهي ڇا؟"

جمنداس چيو، "آهي." پوءِ به ٻڙاجي وڃڻ لڳو.

جمنداس وڙڪري چيو، "ٻهه اچي."

ٻڙاجي منهن ورائي ٻيهي رهيو.

جمنداس چيو، "اسين ٻاهر وڃڻا آهيون، تنهنجو ڪيترو بل آهي، وٺي وڃ؟"

"سائين! حساب ڪتاب ته مان اڄ کڻي ڪونه آيو آهيان. هوندا ڪجهه ست اٺ سؤ روپيا ... پر اڄ مان ٽوپيون ولائتي ساڙهيون کڻي آيو آهيان."

جمنداس کيسي مان سگريٽ ڪڍي اُنکي لائيٽر سان دکايو، "سڀاڻي سڀ پئسا وٺي وڃج، ان ڪانپوءِ وري هن چئمٽ اندر ڪڏهن به پير نه پائج."

ٻڙاجي وائڙو ٿي جمنداس طرف ڏسڻ لڳو.

جمناداس سگريٽ جو دونهون هوا ۾ ڦهلائي چيو،
"جي قسم کڻندين، تہ وري هن در تي نہ ايندس، تہ
پئسا ملندءِ. نہ تہ پئسن تان هٿ کڻي ڇڏ."

"ڇڏيو تہ مان هيڏنهن ڏي گهران پئسن جي حساب
ڪتاب جي ڊائري کڻي اچان."

"سياڻي آهين." حاڪماڻي انداز ۾ جمناداس
چيو. پراڻي آئين ڀڳو، جنهن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ.

جمناداس ڪيترو وقت ٻاهر اچ وڃ ڪندو رهيو.
اوچتو پڌمجي چاچيءَ جي پيرن ڪي ايندو ڏٺائين.
اکيون ڇوڇون ڪري پڇيائين، "اڄ ديال ماءُ ڪيئن
آئي آهي اسان وٽ؟"

"ڪنوار ويٺي آهي نہ اندر؟"

"ڪنوار مري وئي!"

"مري وئي؟ ڇوٽن ڇاتو جمنا! ڪنوار ڇو مري،
مان تہ لٽجي ويندس."

"تون ڇو لٽبين؟" جمناداس جي نرڙ تي
گهنج هو.

"اڙي پٽ، ڇهہ سؤ روپيا مونکان وياج تي وٺي
وئي آهي - هٿ اڌارا!" ديال ماءُ اُپساهيءَ ۾
چئي وئي.

"ڪڏهن؟"

"اڙي پٽ، اڻ مهنا ٿي ويا آهن. ٿي مهنا ٿي
ويا آهن تہ وياج ۾ ڪوڙ ڀڇايو آڻائين. سو بہ پئسا

منهنجا هٿن ۾ ڇوان. هي نه ويچاريءَ ڪڪيءَ مشين هلائي، ڏلاڇي ڪيئن ويهي ڪوڏي ڪري ڪنا ڪيا آهن." ديال ماءُ سچ پچ روئڻ لڳي.

جمنداس سگريٽ پٽ تي اڇلي، پير سان چٿي ڇڏيو، "سياڻي اچي مونکان پيسا وٺي وڃج." ۽ ڪراهت وچان منهن ڦيري ڇڏيائين. ديال ماءُ هلي وئي. ڪمري مان ڏاهون سڏڪن جو آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيو.

جمنداس ڪمري ۾ اچي در بند ڪري ڇڏيو، "ديال ماءُ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کان به قرض ورتو اٿيئي ڇا؟"

ديوڪا واٽ ۾ کهڙو ٿو نسي، روئڻ جي آواز ڪئي، ٻاهر ديال ماءُ لائين وڃڻ کان روڪيو هو، سو هاڻي واٽ مان کهڙو ڪيئي اچي جمنداس جي پيرن تي پيئي.

"اهو کهڙو نئون مڪر آهي؟"

"مڪر نـاهي. مونکان ڀل ٿي آهي. هيءَ پيرو معاف ڪريو."

"ڀلا ڪري معافي ٿي گهرين؟ ...ڪاڻ آهين؟ ...تو ڇا ڇا ڪيو آهي! سياڻي شيئر وڪڻي ٻهراڻ منهنجا قرض چڪائيندس. پوءِ توکي ٻيڪي رواني ڪندس. مار ڪونه ٿو ڏيان، ان کان وڌيڪ معافي ڇا ٿيندي؟"

ديوڪا پتيءَ جي ٽنگن کي چنبڙي پيئي. ٻاڏائي چيائين، "ڇڏن ٻارن سوڌي مان ڪٿي وڃين رهندس؟ هي پيرو معاف ڪريو."

جمنداس روئڻ جهڙي مرڪ چهري تي آڻي چيو، ”ڪنهنکي معاف ڪريان؟ تو جهڙي ناڳڻ کي؟ جنهن اندر ئي اندر منهنجي دولت لٽائي ڇڏي. هٿين منهنجي عزت ٿي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيئه!!“

گادريج جو ڪٻٽ اڌ ۽ کليو پيو هو. مٿين خاني ۾ لٽڪي رهيون هيون رنگ برنگي ساڙهيون. ڪٻٽ جي دروازن تي لٽڪي رهيا هئا الاهي پڙونڊان. ٻن خانن ۾ ٻارن جي ڪپڙن جا ڍير لڳا پيا هئا. ۽ ڪٻٽ هيٺان پيا هئا ٻن کان مٿي نئين ڊزائين جا سينڊل.

جمنداس پنهنجي ڇاتيءَ تي ڌڪ هڻي چيو، ”ڇو ورتئه ايترا ڪپڙا؟... جواب ڏي...“

ديوڪا وٽ ڪوئي جواب نه هو. هوءَ وڏيون سهڻيون اکيون مٿي کڻي فقط رحم لاءِ ٻاڏائي رهي هئي.

پنهنجي مٿي تي ڌڪ هڻي جمنداس چيو، ”پنهنجي سونهن جي شوق توکي ٿي نه، پر مونکي ۽ برباد ڪري ڇڏيو“

ٻئي ڏينهن تي جمنداس پنهنجا شيئر وڪڻي آيو ۽ سيٺيءَ جا قرض چڪائڻ کان پوءِ ديوڪا کي وري به هڪوار ڪڙڪايائين، ”اڃا به ڪو قرض رهيل آهي؟“

ديوڪا گنهگار جيان ڏڪي - ڏڪي ناڪار ڪئي.

جمنداس روئي اڄ به نه ڪاڍي، فقط سگريٽ ڦوڪيندو

رهيو. ديوڪا وري - وري آش ٽـري صاف ڪري
ٻٽي رکي.

ديوڪا جو نصيب اڄا به صليب تي لٽڪيل هو.
ٻار سڀ هڪ ڏينهن ۾ ئي وڏا ٿي ويا هئا. تمام ٿورو
ٿي ڳالهايائون، ٻاڪر وڙهيا نه ڪين ئي، ڪوڙن تـان
ڪيئو نه ڪين ٿي ڪيائون، ماءُ جيڪو ڪم ٿي چيو -
سو ٻدا اڳـگل ڪرڻ جي ڪدم ڪري ٿـي آيا. رات
جا ١٢ اڄي ٿيا هئا. گهر ۾ قبرستان جهڙي مـاٺ
لـڳـي پيئي هئي. ديوڪا ننڍڙي ڪڪيءَ جي ٻر ۾
ليٽي ڪيس اندڌ ڪرائي ڇڏي هئي.

جمنداس دريءَ وٽ آرام ڪرسيءَ تي ويٺو - ويٺو
پنڪيٽ جو آخرين سگريٽ چڪي رهيو هو. هڪرار
منهن هن ٻاسي ڪري گهر تي ڇانيل مردنيءَ جو جائزو
ورتائين، پـوءِ سگريٽ دريءَ کان اڇلي، اٿي ايٺو.
هائوس - ڪوٽ جي ٻيلٽ ڪشي، همٿ پنيان ڪري
اڇي ديوڪا جي پلنگـ، وٽ ايٺو. ديوڪا جي ٻنهي
اکين وٽ اڄا ٻـاڪيءَ جا قـڙا تازا هئا. اکين هيٺان
ڪارانيل اڌ گول هئا، ساري مکڙي تان تازگي گـم
هئي. نراڙيءَ ۾ چمڪندڙ ٻيڙا جون رڪائـون گهنج
پٽجي بيٺيون هيون. جمنداس کي اڳيان بيٺل ڏسي
نه چري ٻري ڪاڻ. کـن رکي آهستي چيائين، "سچ
ٻچ مونکي گهر مان ڪيڏي ڇڏيندا؟"

دک جي ماري جمنداس، ڪـ ٽڪ هن مهانگي
ڪڏيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. ● (١٩٨٣)